
# نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جسماني طاقت

21-November-2019



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Sisters)

هرمبلغ بيان ڪرڻ کان پهريان گهٽ ۾ گهٽ ٿي پيرا پڙهي

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# طاقتِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله     وَعَلٰي اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله     وَعَلٰي اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

## دُرُود شريف جي فضيلت

**حضورِ اڪرم، نورِ مجسم** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جو فرمانِ عاليشان آهي: الله پاڪ جي خاطر پاڻ ۾ محبت رکڻ وارا جڏهن پاڻ ۾ ملن ۽ مَصافحو ڪن (يعني هٿ ملائين) ۽ نبي ڪريم** (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) **تي دُرودِ پاڪ موڪلين ته انهن جي جُدا ٿيڻ کان پهريان ٻنهي جا اڳيان پويان گناهه بخشيا ويندا آهن.**

(مسندِابي يعلي، مسند انس بن مالک، ۹۵/۳،حديث:۲۹۵۱)

ڪعبے کے بدر الدُّجٰی تم پہ کروروں دُرُود طیبہ کے شمسُ الضُّحٰی تم پہ کروروں دُرُود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان** سنيون سنيون نِيّتون ڪري ونون ٿيون.**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" **يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.** (المعجم الڪبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:**(1) بغير سني نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيترِيون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

★نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندَس ★ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندَس★ ضرورت پوڻ تي ٻين اسلامي ڀينرن جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندَس★ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندَس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندَس ★ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ واريءَ جي دِل جوئي جي لاءِ آهستہ آواز سان جواب ڏيندَس ★ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندَس-دوران بيان موبائل جي غيرضروري استعمال کان بچندَس،نہ بيان ريڪارڊ ڪندَس نہ ئي ٻئي ڪنهن قسم جو آواز ڇو تہ ان جي اجازت ناهي،جيڪو ڪجهہ ٻُڌندَس،اُن کي ٻڌي ۽ سمجهي ڪري ان تي عمل ڪرڻ ۽ ان کي بعد ۾ ٻين تائين پهچائي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندَس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! رَبِيعُ الاَوَّلِ جو مبارڪ مهينو پنهنجون برڪتون لُٽائي رهيو آهي، هر طرف مني مني آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا ترانا آهن- عاشقانِ رسول مدحتِ مُصطفيٰ سان پنهنجي دِل ۽ دِماغ کي مهڪائي رهيا آهن، ★ ڪٿي سندن جي وِلادَت جو ذِڪر آهي تہ ڪٿي سندن جي ڪمالات جو تذڪرو آهي- ★ ڪٿي سندن سِيرت جو بيان آهي تہ ڪٿي سندن مُبارَڪ صُورت جو ذِڪر خير آهي-★ ڪٿي عِبادتِ مُصطفيٰ جو بيان آهي تہ ڪٿي سلطنتِ مُصطفيٰ جا چرچا آهن-★ ڪٿي شَفاعتِ مُصطفيٰ جا تذڪرا آهن تہ ڪٿي سندن جي عنايتن جا چرچا آهن-★ ڪٿي سندن جي عظمتن جو بيان آهي تہ ڪٿي سندن جي رِفعتن (بُلندين) جا تذڪرا آهن-★ ڪٿي طا قتِ مُصطفيٰ جو بيان آهي تہ ڪٿي شُجاعتِ مُصطفيٰ جا تذڪرا ڪيا پيا وڃن- ★ ڪٿي نگاهِ مُصطفيٰ جون ڳالهيون آهن تہ ڪٿي عطاءِ مُصطفيٰ جو بيان آهي- ★ ڪٿي

خاندانِ مُصطفيٰ جا چرچا آهن تہ ڪٿي برڪاتِ نبوت جو بيان آهي-* ڪٿي معجزاتِ مُصطفيٰ جون ڳالهيون آهن تہ ڪٿي اَخلاقِ مُصطفيٰ جو بيان آهي-* ڪٿي اِختياراتِ مُصطفيٰ جون ڳالهيون آهن تہ ڪٿي نوازشاتِ مُصطفيٰ جو بيان آهي-* ڪٿي هجرتِ مُصطفيٰ جون ڳالهيون آهن تہ ڪٿي اِستقبالِ مُصطفيٰ جو بيان آهي - جڻ تہ ذرّو ذرّو ميلادِ مُصطفيٰ جي برڪتن سان پنهنجو حصو سميٽي رهيو آهي- انهيءَ مُناسبَت سان اڄ اسان بہ رحمتِ عالم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي جسماني طاقت جي باري ۾ ٻڌنديوسين-
الله پاڪ اسان ڪي سڄو بيان سنين سنين نيتن سان ٻڌڻ جي سعادت نصيب فرمائي- اچو! سڀ ڪان پهريان انهيءَ باري ۾ هڪ واقعو ٻڌون ٿيون:

## نبي ڪريم ۽ عرب جو مشهور پهلوان

مڪي جي ويجهو ڳوٺ ۾ رُڪانہ نالي پهلوان رهندو هو- ان جو نسبي تعلق خاندانِ بنو هاشم سان هو، هو تمام ئي طاقتور، وڏي زور وارو، زبردست رعب ۽ دبدبي وارو ۽ مار ڪٽ ڪرڻ وارو شخص هو- ”جبل اِضَم“ جي وچ ۾ هڪ سرسبز وادي هئي جتي هو ٻڪريون چاريندو هو- هن وادي ۾ ڪنهن کي چرپر ڪرڻ جي جُرئت نہ هوندي هئي- ماڻهو ان جي سامهون اچڻ کان لهرائيندا هئا- مشرڪن ۽ بين اسلام جي دشمنن جي غلط ڳالهين ڦهلائڻ جي ڪري هو رسولِ اڪرم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان شديد نفرت جا جذبات رکندو هو- ان جي دشمني هن حد تائين وڌي وئي جو مَعَاذَالله هو رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي شهيد ڪرڻ لاءِ راضي ٿي ويو- اُمّت تي مهربان، ٻنهي جهانن جا سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪنهن بہ قسم جي خطري کي بغير ڪنهن خاطر ۾ آڻيندي هڪ ڏينهن دينِ اسلام جي دعوت جي لاءِ رُڪانہ جي وادي ۾ اڪيلا تشريف کڻي ويا- اتي رُڪانہ بہ باهر اچي ويو، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ڏسي ميرجي پيو ۽ تڪبر جي نشي ۾ بدمست ٿي چيائين: **يامُحَمّدُ!اَنْتَ الَّذِي تَشْتِمُ اٰلِهَتَنَا** يعني اي محمد! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) اوهان ئي آهيو جيڪي اسان جي معبودن کي بُرو چئو ٿا؟ ان کان پوءِ هو وڏيڪ ڪاوڙجي پيو ۽ چوڻ لڳو: اي محمد! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) اوهان اسان جي معبودن کي بُرو ۽ ڪمزور چئو ٿا ۽

پنهنجي خدا جي وڏائي بيان ڪريو ٿا- جيڪڏهن منهنجو اوهان سان خانداني رشتو نہ هجي ها تہ اڄ مان اوهان جو ڪم تمام ڪري ڇڏيان ها پر اوهان ڪي مان بغير مقابلي جي وڃڻ نہ ڏيندس-

ان ڪان پوءِ رُڪانہ رسول ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي پاڻ سان ڪُشتي وڙهڻ جي دعوت ڏني ۽ چيائين: مان پنهنجي خدائن کي سڏيندس ۽ اوهان پنهنجي خدا کي مدد جي لاءِ پڪاريو- جيڪڏهن اوهان مون کي هارائي ڇڏيو تہ مان اوهان کي ڏهہ ٻڪريون ڏيندس- رَسُولُ الله صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان جو چيلنج قبول ڪري ورتو ۽ ان سان ڪشتي وڙهڻ جي لاءِ آماده ٿي ويا- پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ رُڪانہ جي هٿن ۾ هٿ ڏنا ۽ ان جو چنبو مروڙيائين- رُڪانہ جا هوش اُڏامي ويا ۽ هو درد سان تڙپڻ لڳو- پاڻ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي ڌڪو ڏنو تہ هو سڪل پَن جيان زمين تي ڪري پيو- رُڪانہ کي پنهنجي بازو جي قوت تي ناز هو، هو سوچي بہ نہ پئي سگهيو تہ حضوراڪرم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هن طرح ڪجهہ لمحن ۾ ان کي اهڙي طرح ڪيرائي وجهندا- جيڪو ڪجهہ ٿيو ان جي توقع جي خلاف هو پر رُڪانہ ان کي اتفاق سمجهندي هار نہ مڃي- هوش بحال ٿيا تہ ان ٻيهر ڪشتي وڙهڻ جي درخواست ڪئي- پاڻ عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام ان جي درخواست منظور ڪئي- پر ان جو نتيجو بہ پهريان کان مختلف نہ هيو يعني هن ڀيري بہ هو گهڙي ڪن ۾ هارجي ويو- رُڪانہ حيرت ۾ پئجي ويو- ان جي وهم و گمان ۾ بہ نہ هو تہ ان جهڙي ڪنڌار پهلوان جو اهڙو حشر ٿيندو- پر اڃا بہ هو شڪست قبول ڪرڻ جي لاءِ تيار نہ هو- ٽئين ڀيري وري ڪشتي وڙهڻ جي درخواست ڪئي جيڪا پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ قبول ڪئي- ٽئين ڀيري بہ شڪست ان جو مقدر ٿي ۽ هو پاڻ عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام جي زورِ بازو جي تاب نہ سهي ڪري پيو ۽ چيائين: اهو سڀ ڪجهہ اوهان نہ ڪيو بلڪ اوهان جي غالب ۽ قادر معبود الله ئي ڪيو آهي جڏهن تہ منهنجي خدائن مون کي رسوا ڪيو آهي- (دلائل النبوة للاصبهاني، الفصل التاسع عشر ، ذکر خبر رکانة، ٢/ ٢٣٥ماخوذاً)

هتي اها ڳالهہ بہ ملي ٿي تہ رڪانہ پهلوان چيو هو تہ جيڪڏهن اوهان مون کي ڪيرائي ڇڏيو تہ مان مسلمان ٿي ويندس تہ پوءِ رڪانہ مسلمان ٿي ويو،

**يعني انهيءَ وقت اسلام ڪٽي آيو جڏهن ته هڪ روايت جي مطابق ان فتح مڪ جي ڏينهن اسلام قبول ڪيو هو.** (شرح الزرقاني علی المواہب،الفصل الثانی فيما اکرمہ اللہ...الخ، ۶/۱۰۲)

**شهزادهءِ اعليٰ حضرت، مفتي اعظمِ هند مولانا مُصطفيٰ رضا خان** رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ **ڇا ته خوب فرمائن ٿا:**

سب سے اعلیٰ عزّت والے غلبہ و قہر و طاقت والے
حُرمت والے کرامت والے تم پر لاکھوں سلام
تم پر لاکھوں سلام

ظاہر باہِر سیادت والے غالب قاہر ریاست والے
قوت والے شہادت والے تم پر لاکھوں سلام
تم پر لاکھوں سلام

بگڑی ناؤ کون سنبھالے ہائے بھنور سے کون نکالے
ہاں ہاں زور و طاقت والے تم پر لاکھوں سلام
تم پر لاکھوں سلام

(سامانِ بخشش، ص۸۹-۹۰)

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** سُبۡحٰنَ اللہ! **اوهان ڏٺو ته اسان جا پيارا آقا، مديني وارا مُصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **ڪيترا طاقتور ۽ اعلي اخلاق جا مالڪ هئا جو سامهون وارو وڙهڻ جي ڳالهه ڪري رهيو آهي ڪشتي جو چيلنج ڪري رهيو آهي، سخت لهجي ۾ ڳالهه ڪري رهيو آهي ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي پر قُربان وڃجي حُسنِ اَخلاق جي پيڪر، محبوبِ رَبِّ دَاوَر** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جي خُلقِ عظيم تي جو سِر جو جواب پٿر سان ڏيڻ بدران حِلم و بُردباري، صبرو استقامت ۽ نرمي سان ڪم وٺندا رهيا-**

۽ اها رحمت عالم، شاهِ بني ادم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پياري عادت هئي جو بداَخلاقي ڪرڻ، چڙٻڙ، ڌمڪيون ڏيڻ يا گُهورڻ يا ڪنهن به قسم جي بد اَخلاقي ڪرڻ واري سان به الفت ۽ پيار ڀريو برتاءُ ڪندا هئا، ۽ بداَخلاقي سان پيش اچڻ واري تي به لطف و ڪرم ڪندا هئا ۽ ان کي پنهنجي حسين اَدائن جو اَسِير (قيدي) بڻائيندا ها- حضرت بي بي عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون ته رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ راهِ خدا ۾ جهاد جي علاوه ڪڏهن ڪنهن شيءِ، عورت يا خادم کي پنهنجي دستِ اقدس سان نه ماريائون، ۽ نه ئي ايذاء پهچڻ تي ايذاء ڏيڻ واري کان بدلو ورتائون، البت جڏهن الله پاڪ جي حُرمت کي ٽوڙيو ويندو هو ته رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ الله پاڪ جي لاءِ ان کي سزا ڏني-
( مسلم،ڪتاب الفضائل،باب مباعدته للآثام--- الخ، ص٩٧٨، حديث:٦٠٥٠)

رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي انهيءَ اَخلاقِ ڪريمانه جي برڪتن سان فيضياب ٿي ڪيئي ماڻهن اِسلام قبول ڪيو ۽ بي شُمار ماڻهن جي زندگين ۾ اهڙو مدني انقلاب پيدا ٿيو جو هر پاسي اسلام جي ڦهلجڻ واري روشني گمراهي ۽ ضلالت جي اونداهين کي مٽائي ڇڏيو ۽ قتل و غارت گري ڪرڻ وارن رت جي پياسن کي جامِ محبت پيئڻ نصيب ٿيو-

دَورِ جہالت تھا ہر سُو جب کُفر کی ظُلمت چھائی تھی
تم نے حیوانوں جیسے لوگوں کو بھی اِنسان کیا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اسان جو ڪردار ۽ درگذر

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي انهيءَ طرزِ عمل (يعني حُسنِ اَخلاق) کي سامهون رکندي اڄ اسان غورو فڪر ڪريون ته اسان جو اخلاق ڪهڙو آهي، اسان ته سِر جو جواب پٿر سان ڏيڻ پاڻ تي لازم سمجهون ٿيون، ڪا اسان سان بداخلاقي سان ڳالهه ڪري ته اسان ان کي ان کان وڌيڪ بداخلاق ٿي ڏيکارڻ پسند ڪيون ٿيون، ڪنهن اسلامي ڀيڻ سان ڪا غلطي به ٿي وڃي ۽ هو ان تي معافيون گهرندي وتي تڏهن به اسان ان کي

معافي ناهيون ڏينديون- اهي سڀ دين کان دوري ۽ شيطاني پيروي جو نتيجو آهي-

ياد رکو! شيطان اسان جو ازلي دشمن آهي- ★ **شيطان هرگز** اهو پسند نہ ڪندو تہ اسان اسلامي ڀينرون پاڻ ۾ مُتَّحِد رهون، ★**شيطان هرگز** اهو نہ چاهيندو تہ اسان هڪ ٻئي سان همدردي ڪيون، ★**شيطان هرگز** اهو پسند نہ ڪندو تہ اسان هڪ ٻئي جي عزّت و ناموس جون مُحافِظ بڻجون، ★**شيطان هرگز** اهو برداشت نہ ڪندو تہ اسان هڪ ٻئي جي غَلَطِين کي نظر انداز ڪريون، ★ **شيطان هرگز** اهو نہ چاهيندو تہ اسان درگذر سان ڪم وٺون- ★ **شيطان هرگز** اهو نہ چاهيندو تہ اسان پنهنجا حق معاف ڪري ڇڏيون، ★**شيطان هرگز** اهو نہ چاهيندو تہ اسان هڪ ٻئي جي حقن جو لحاظ رکون- ★ **شيطان هرگز** اهو نہ چاهيندو تہ اسان هڪ ٻئي سان تعاون ڪريون- بلڪ ★ **شيطان تہ اهو ئي چاهيندو** تہ اسان پاڻ جهيڙو فساد ڪيون- ★ **شيطان تہ اهو ائي چاهيندو** تہ اسان هڪ ٻئي جي عزتن تي ڪيچڙ اُڇلايون- ★**شيطان تہ اهو ئي چاهيندو** تہ اسان بداخلاقي ۽ بريون ڳالهيون ڪريون- ★**شيطان تہ اهو ئي چاهيندو** تہ اسان هڪ ٻئي کي خوب گاريون ڏيون- ★ **شيطان تہ اهو ئي چاهيندو** تہ جيڪڏهن ڪا اسلامي ڀيڻ ڪنهن کي هڪ چماٽ هڻي تي بدلي ۾ ٻي ٻہ چماٽون وهائي ڪڍي- ★ **شيطان تہ اهو ئي چاهيندو** تہ جيڪڏهن ڪا اسلامي ڀيڻ ڪنهن کي هڪ مُڪ هڻي تہ بدلي ۾ ٻي ڪيئي مُڪا هڻي- **شيطان تہ اهو ئي چاهيندو** تہ جيڪڏهن ٻارن جي پيءُ سان ڪا غلطي ٿي وڃي تہ ان کي جِي ڀري طعنا ڏنا وڃن- ★ **شيطان تہ اهو ئي چاهيندو** تہ خاندان جي ڪنهن فرد جي غلطي کي پنهنجي انا جو مسئلو بڻائي سڄي زندگي جي لاءِ ان جو بائيڪاٽ ڪيو وڃي- ★ **شيطان تہ اهو ئي چاهيندو** تہ گهرن ۾ ڪم ڪندڙ ماسين جي ننڍين غلطين تي ان کي گهڻو ذليل ڪيو وڃي- ★ **شيطان تہ اهو ئي چاهيندو** تہ وڏي رتبي ۽ وڏي عهدي واري اسلامي ڀين اسلامي ڀينرن کي حقير سمجهي پاڻ کان ننڍن کي ڪيولين برابر سمجهي- مطلب تہ! ★ **شيطان تہ اهو ئي چاهيندو** تہ اسان پاڻ ۾ وڙهنديون رهون- هاڻي اسان کي سوچڻ گهرجي تہ اسان پنهنجي معاملات

۾ شيطان جي پيروي ڪيون ٿيون يا ربّ رحمٰن جي پيروي ڪيون ٿيون- شيطان اهو چاهيندو آهي تہ اسان نندين نندين ڳالهين تي وڙهڻ لڳون جڏهن تہ ربّ رحمٰن اهو حڪم فرمايو آهي تہ مسلمان هڪ ٻئي سان درگذر ڪن، هڪ ٻئي کي معاف ڪن تہ جيئن الله پاڪ انهن جي بخشش فرمائي- الله پاڪ جي بارگاه ۾ دعا آهي تہ اسان هميشہ درگذر ۽ معاف ڪرڻ جي عادت اپنائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون-

اچو! ٻين کي معاف ڪرڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ جي لاءِ ان جي فضيلت تي 5 حديث سڳوريون ٻڌون ٿيون:

## درگذر ڪرڻ جي فضيلت

(1) پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ٽي ڳالهيون جنهن شخص ۾ هونديون الله تعاليٰ قِيامت جي ڏينهن ان جو حِساب تمام آسان طريقي سان وٺندو ۽ ان کي پنهنجي رَحمَت سان جنَّت ۾ داخل فرمائيندو- صحابہ ڪِرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: اهي ڪهڙيون ڳالهيون آهن؟ ارشاد فرمايائون: ﴿1﴾ جيڪو توهان کي مَحرُوم ڪري، توهان ان کي عطا ڪريو ﴿2﴾ جيڪو توهان سان تعلق ٽوڙي توهان ان سان جوڙيو ﴿3﴾ جيڪو توهان تي ظلم ڪري توهان ان کي معاف ڪريو- (معجم اوسط،۱۸/۴،حديث :۵۰۶۴)

(2) فرمايائون: علم سکڻ سان ايندو آهي، تَحَمُّل مزاجي بتڪلُّف (يعني تڪليف) برداشت ڪرڻ سان پيدا ٿيندي آهي ۽ جيڪو ڀلائي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ان کي ڀلائي ڏني ويندي آهي ۽ جيڪو شر کان بچڻ چاهيندو آهي، ان کي بچايو ويندو آهي- (تاريخِ مدينةدمشق،الرقم:۲۱۶۲،رجاء بن حيويه،۱۸/ ۹۸)

(3)فرمايائون: پنج ڪم انبياءِ ڪرامعَلَيهمُ السَّلَام جي سنّت آهن، انهن مان هڪ تَحَمُّل مزاجي بہ آهي- (موسوعة الامام ابن ابي الدنيا، كتاب الحلم ،۲/ ۲۳،حديث : ٦)

(4)فرمايائون: بيشڪ انسان بُردباري جي ڪري روزيدار ۽ شب بيدار جو درجو ماٽيندو آهي- (موسوعة الامام ابن ابي الدنيا،كتاب الحلم،۲/ ۲٤، حديث : ۸ ملتقطاً)

(5) فرمايائون: جيڪو ڪنهن مسلمان جي غَلَطي ڪي مُعاف ڪندو تہ قِيامت جي ڏينهن الله پاڪ ان جي غَلَطي ڪي مُعاف فرمائيندو. (ابن ماجه،کتاب التجارات،باب الاقالة،۳/۳۶،حديث:۲۱۹۹)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان پنهنجي پياري آقا، مديني واري مُصطفٰي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي جسماني طاقت جي باري ۾ ٻڌي رهيون هيوسين- جهڙي طرح ٻين خوبين ۾ آقا عَلَیہِ السَّلَام جو ڪو مٽ نہ هو اهڙي طرح جسماني طاقت ۾ بہ پاڻ عَلَیہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام بي مثل ۽ بي مثال هئا- اچو انهيءَ باري ۾ هڪ ٻيو واقعو ٻڌون ٿيون:

## چِپ جو ٽٽڻ

مشهور صحابي رسول حَضرتِ سَيدُنا جَابِر رَضِیَ اللہُ عَنْہ بَيان ڪن ٿا تہ (غَزوَه خَندق جي موقع تي) خَندق (کاهي) کوٽڻ مهل اوچتو هڪ اهڙي چِپ ظاهر ٿئي جيڪا ڪنهن ڪان بہ نہ پئي ٽُٽي- جڏهن اسان بارگاهِ رِسَالَت صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ۾ اها ڳالهہ عَرض ڪئي تہ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ اُٿيا، ٽن ڏينهن جي بُک هئي ۽ پيٽ مُبارَڪ تي پٿر ٻڌل هو، رسول اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ پنهنجي مُبارَڪ هٿ سان پاهوڙو هنيو تہ اها چِپ واريءَ جيان ريزا ريزا ٿي وئي- (بخاري،كتاب المغازي،باب غزوة الخندق، الحديث :۴۱۰۱، ۳/۵۱) هڪ ٻي رِوَايت ۾ هيئن بہ آيو آهي تہ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ان چِپ تي ٽي ڀيرا پاهوڙو هنيو، هر ڌڪ تي ان مان هڪ روشني نڪرندي هئي ۽ ان روشني ۾ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ شام ۽ اِيران ۽ يمَن جي شهرن ڪي ڏسي ورتائون ۽ انهن ٽنهي مُلڪن جي فَتح ٿيڻ جي صَحَابَہ ڪرام عَلَیہِمُ الرِّضْوَان ڪي بِشَارَت ڏنائون- (المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني،باب غزوة الخندق...الخ، ۳/۳۱)

هڪ ٻي روايت ۾ هي بہ آهي تہ حَضرت سَيدُنا جَابِر رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا تہ مسلسل بُک سبب نبي اڪرم، رسولِ محتشم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي شڪمِ اَقدَس (پيٽ مبارڪ) تي پٿر ٻڌل ڏسي منهنجي دل پرجي آئي، مان حُضُور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ڪان اِجازَت وٺي پنهنجي گهر موٽيس ۽ پنهنجي گهرواريءَ ڪي چيم تہ مون نبي اَڪرَم، نُورِ مُجَسّم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ڪي ايتري قَدر شديد بک جي حالت

۾ ڏنو آهي جو مان صبر نٿو ڪري سگهان- ڇا گهر ۾ ڪجھ کاڌو آهي؟ هو چوڻ لڳي ته گهر ۾ هڪ صَاع (تقريباً چار ڪلو) جَوَن جي علاوه ٻيو ڪجھ به ناهي، مون چيو ته تون جلدي سان انهن جَوَن کي پيهي ڳوهي وٺ، پوءِ مون پنهنجي گهر جي سانديل هڪ ٻڪري جو ٻچو ذَبح ڪري ان جون ٻوٽيون ناهيون ۽ گهرواريءَ کي چيم ته جَلد مان ٻوڙ ۽ مانيون تَيار ڪري وٺ، مان حُضُور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي سڏي اچان ٿو، وڃڻ مهل گهرواري چوڻ لڳي: ڏسو! آقا عَلَيه الصَّلٰوة وَالسَّلام جي عِلاوه صِرف ڪجھ ئي اَصحاب کي گڏ آڻجو، ڇوته کاڌو گهٽ آهي، وڏيڪ ماڻهو آڻي مون کي رُسوا (Disgrace) نه ڪجان-

حَضرت سيدنا جابر رَضِيَ اللهُ عَنۡه خُندق وٽ اچي آهسته سان عَرض ڪيو: يارَسُولَ الله! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هڪ صاع اٽي جون مانيون ۽ هڪ ٻڪري جي ٻچي جو گوشت مون گهر ۾ تيار ڪرايو آهي، تنهنڪري اوهان ڪجھ ماڻهن سان گڏ هلو ۽ ماني کائي وٺو، اهو ٻڌي حُضُور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو ته اي خَندق وارو! جابر دَعوتِ طَعام (کاڌي جي دعوت) ڏني آهي، تنهنڪري سيئي ماڻهو ان جي گهر هلي کاڌو کائي وٺو، پوءِ مون کي فرمايائين ته جيستائين مان نه اچان مانيون نه پچائجان، پوءِ جڏهن حُضُور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تَشريف فرما ٿيا ته ڳوهيل اٽي ۾ پنهنجو لُعابِ دَهن (مبارڪ ٿُڪ) وجهي بَرَڪت جي دُعا ڪئي ۽ گوشت جي ديڳڙيءَ ۾ به پنهنجو لُعابِ دَهن وڌائون- پوءِ ماني پچائڻ جو حڪم ڏنائون ۽ فرمايائون ته ديڳڙي چُلھ تان لاٿي نه وڃي- جڏهن مانيون پچي ويون ته حَضرتِ سَيدُنا جابر رَضِيَ اللهُ عَنۡه جي گهرواريءَ ديڳڙي مان گوشت ڪڍي ڏيڻ شُروع ڪيو، هڪ هزار صَحَابه ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضۡوَان ڍئو ڪري کاڌو پر ڳوهيل اٽو اوترو جو اوترو ئي رهجي ويو ۽ ديڳڙي به چُلهي تي ٽهڪندي رهي-

بخاري،ڪتاب المغا زي، باب غزوة الخندق. ..الخ، ۵۱/۳ حديث:۴۱۰۲،۴۱۰۱ ملخصا)

حضرت جابر رَضِيَ اللهُ عَنۡه فرمائن ٿا ته پوءِ نبي ڪريم، رسول عظيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هڪ ٿانوَ جي وچ ۾ هڏين کي جمع ڪيو ۽ انهن جي مٿان پنهنجو هٿ مبارڪ رکي ڪجھ ڪلام پڙهيائون جنهن کي مون نه ٻُڌو، **هينئر جنهن جو گوشت کاڌو ويو اها ئي ٻڪري هڪدم ڪن ڇنڊيندي اٿي بيٺي!** پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي فرمايو پنهنجي ٻڪري کاهي وڃو! مان ٻڪري پنهنجي گهرواريءَ وٽ آندي. هوءَ (حيرت مان) چوڻ لڳي، هي ڇا؟ مون چيو، وَالله! هيءَ

اسان جي اها ئي ٻڪري آهي جنهن کي اسان ذَبح ڪيو هو. **دعاءِ مصطفٰي** صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **سان اللّٰه تعاليٰ** هن کي زنده ڪيو آهي! اهو ٻُڌي سندن گهرواري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا بي اختيار چوڻ لڳي، مان گواهي ٿي ڏيان ته بيشڪ اهي الله پاڪ جا رسول صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن- (الخصائصُ الكبرٰي، ٢/ ١١٢)

مُردوں کو جِلاتے ہیں روتوں کو ہنساتے ہیں آلام مٹاتے ہیں بگڑی کو بناتے ہیں
سرکار کھلاتے ہیں سرکار پلاتے ہیں سلطان و گدا سب کو سرکار نبھاتے ہیں

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** هن واقعي مان اسان کي ڪيئي درس ملن ٿا، غورِ ڪريون ته هڪ چپ جيڪا ڪيئي صحابه ڪرام گڏجي به ٽوڙي نه سگهيا آقا ڪريم، رسولِ عَظيم صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ باوجود ان جي جو ڪيئي ڏينهن کان بکايل هئا، ڪجھ نه کاڌو هو- پيٽ مبارڪ تي پٿر ٻڌل هئا پر پوءِ به جڏهن پاڻ صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي دَستِ مُبارَڪ سان هڪ ئي پاهوڙو هنيو ته اها سڄي چٽان واريءَ جي ذرڙن وانگر پورا پورا ٿي وئي- هن مان معلوم ٿيو ته مديني جا سلطان، محبوبِ رحمٰن صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ هرگز اسان جهڙا نه آهن- حضور جهڙو نه ڪو ٻيو ٿيو آهي ۽ نه ٿي سگهي ٿو- اعليٰ حضرت، امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه حضرتِ جبريل امين عَلَيۡه السَّلَام جي ترجماني ڪندي ڇا خوب فرمائن ٿا:

یہی بولے سدرہ والے چمنِ جہاں کے تھالے
سبھی میں نے چھان ڈالے ترے پایہ کا نہ پایا
تجھے یک نے یک بنایا
(حدائقِ بخشش،ص٣٦٣)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** حضرت جابر رَضِیَ اللهُ عَنۡه جي واقعي تي غور

ڪريو! اسان جو معاملو اهو آهي ته جيڪڏهن اسان وٽ ڪاڏو گهڻ هجي ۽ کائڻ وارا ماڻهو گهٽا ٿي وڃن ته ڪاڏي جي مقدار وڏائڻ کان علاوه ٻيو ڪو چارو ناهي هوندو، تقريبًا چار ڪلو اٽو ۽ ٻڪري جو ٻچو چاهي ڪيترو به صحت مند هجي مشڪل سان پنجاھ سٺ ماڻهن جي پيٽ ڀري کائڻ جو سامان بڻجي سگهي ٿو- پر نبي رحمت، شفيعِ امت صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي لعاب دهن جي برڪت سان ايترو ڪاڏو نه صرف صحابہ ڪرام عَلَیۡھِمُ الرِّضۡوَان جي مڪمل جماعت کي پورو ٿي ويو بلڪ جيترو پچايو هو اوترو ئي باقي بچيل رهيو- ۽ پوءِ ٻڪري جي بچيل هڏين تي ڪجھ پڙهيائون ته اها گوشت ۽ کل سميت پهريان جهڙي ٻڪري ٿي ڪن چنديندي بيهي رهي، اها حڪايت سرڪارِ مدينه، قرارِ قلب و سينه صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي ڪيئي ڪمالات جي جامع آهي-

حڪيم الاُمَّت حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ هن حديثِ پاڪ حوالي سان جيڪو ڪجھ ارشاد فرمايو آهي ان مان ڪجھ نڪتا ٻڌون ٿا: ★ جن افراد ڪاڏو ڪاڌو انهن جو تعداد چوڏهن سو هو- ان مان هڪ هزار ته خندق کوٽڻ وارا هئا ۽ چار سو اهي حضرات هئا جيڪي پوئتي رهجي ويا هئا، جيڪي مدينه منوره جي گهرن، بازارن وغيره ۾ هئا، مدينه منوره جا ٻار عورتون پڻ ان دعوت ۾ شامل ڪيون ويون هيون- مطلب ته کائڻ وارن جا ميلا لڳي ويا هئا- خوش نصيب اهي ماڻهو جيڪي ان برڪت ڀري ڪاڏي سان شرف ماڻيائون- ★ حضورپُرنور، بي چين دِلين جي سُرُورصَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ انهن سيني جي دعوت ڪئي، ان ڏينهن لنگر حضور جو هو گهر حضرت جابر جو هو، تنهنڪري اهو اعلان ۽ دعوت بلڪل درست آهي- جيڪا شيءِ استعمال سان گهٽجي نه اها مالڪ جي بغير اجازت استعمال ڪري سگهجي ٿي جيئن ڪنهن جي چراغ جي روشني ۾ مطالعو ڪرڻ، ڪنهن جي ديوار جي ڇانو وٺڻ- اڄ اهو ڪاڌو انهن کائڻ وارن جي استعمال سان گهٽ نه ٿيندو تنهنڪري حضرت جابر جي بغير اجازت حضورصَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ سيني کي دعوت ڏئي ڇڏي-★ حضرت جابر سمورن ماڻهن کي دعوت ڏيڻ ۽ انهن ۾ اعلان ڪرڻ سان حيران ٿيا، پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ انهن جي حيراني ملاحظ فرمائي ۽ تسلي

ڏيندي اهو فرمايائون: گهبرايو نہ الله فضل ڪندو جيڪو وٺي اچندو اهو ڪارائيندو، توهان ايترو ڪجو جو منهنجي اچڻ ڪان پهريان ديڳڙي چولهہ تان نہ لاهجو ۽ اٽو پچائڻ نہ شروع ڪجو پوءِ قدرتِ خدا جو تماشو ڏسجان- ★ هن واقعي ۾ حضورِ انور، شاهہ بحرو بر(صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ) جي لعاب شريف جا ڪوڙ معجزا آهن: ٻوٽين ۾ ڪثرت ۽ برڪت، شوربي جي پاڻي ۾ برڪت، شوربي جي لوڻ مرچ مصالحي گيهہ ۾ برڪت و ڪثرت، اٽي ۾ برڪت و ڪثرت، جنهن ڪاٺي سان اهي شيون پچايون ويون ان ۾ برڪت، ماني پچائڻ واري جي هٿ ۾ قوت و طاقت نہ تہ ايتري وڏي جماعت جي دعوت جي لاءِ ڪيئي مڻ گوشت ڪاٺيون اٽو گهرجي ها، پچائڻ وارا بہ گهڻا ڪپن ۽ ڪوڙ تندور ڪپن ها جيئن تہ اڄڪلهہ شادين جي دعوتن ۾ ڏٺو ويندو آهي-★ (حضرت) موسيٰ عَلَيه السَّلام جي عصا سان پاڻي جا ٻارهن چشما پٿر (Stone) مان ڦٽي نڪتا هتي حضور(صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ) جي لعاب سان ديڳڙي مان ٻوٽين شوربي جا چشما ڦٽي نڪتا-(مرآة المناجيح ،۸/۱۷۷تا ۱۷۹ ملتقطاً)

واہ کیا جُود و کرم ہے شہِ بَطحا تیرا — نہیں سُنتا ہی نہیں مانگنے والا تیرا
دھارے چلتے ہیں عَطا کے وہ ہے قَطرہ تیرا — تارے کِھلتے ہیں سَخا کے وہ ہے ذَرّہ تیرا
فَیض ہے یا شہِ تسنِیم نِرالا تیرا — آپ پیاسوں کے تجسُّس میں ہے دریا تیرا
آسماں خَوان، زمیں خَوان، زمانہ مہمان — صاحبِ خانہ لقب کس کا ہے تیرا تیرا

(حدائقِ بخشش،ص۱۵،۱۶)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان آقا عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلام جي جسماني طاقت جي باري ۾ ٻڌي رهيون هيوسين- يقيناً الله ڪريم پنهنجي پياري محبوب عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلام کي بي مثال طاقت عطا فرمائي هئي جنهن جو ڪائنات ۾ ڪو مثال نٿو ملي، اهو ئي سبب هو جو وڏي ڪان وڏو پهلوان پاڻ عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلام ڪان مقابلي جي سگهہ نہ رکندو هو، اچو هن باري ۾ بہ واقعا ٻڌون ٿيون:

## يزيد بن رُڪانہ سان مقابلو

(1) بيان جي شروع ۾ اسان رُڪانہ پهلوان جو واقعو ٻڌو هو- ان جو هڪ پٽ هو جنهن جو نالو يزيد هو، هو بہ ناليوارو پهلوان هو- هڪ ڀيري هو ٽي سؤ ٻڪريون ڪاهي بارگاهِ نبوت ۾ حاضر ٿيو ۽ چيائين تہ اي محمد!( صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ) اوهان مون سان ڪُشتي وڙهو- رسول الله صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايائون تہ جيڪڏهن مان توکي ڪيرائي وڌو تہ تون مون کي ڪيتريون ٻڪريون انعام ۾ ڏيندين؟ ان چيو تہ هڪ سؤ ٻڪريون مان اوهان کي ڏيندس- حضور صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ تيار ٿي ويا ۽ ان سان هٿ ملائيندي ئي ان کي زمين تي ڪيرائي ڇڏيو ۽ هو حيرت وچان پاڻ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو منهن ڏسڻ لڳو ۽ واعدي جي مطابق هڪ سو ٻڪريون ان پاڻ ڪريمن صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ڏئي ڇڏيون- وري ٻيهر ان ڪُشتي وڙهڻ جي لاءِ چيلنج ڏنو- رسول الله صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻئين ڀيري بہ ان کي هارائي ڇڏيو- ان وري هڪ سؤ ٻڪريون پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ڏنيون- وري ٽئين ڀيري ان ڪشتيءَ جي لاءِ للڪاريو- پاڻ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان جو چيلنج قبول فرمائي ورتو ۽ ڪُشتي وڙهي ان کي ايترو زور سان زمين تي هنيو جو هو پنيءَ ڀر وڃي ڪريو- ان باقي هڪ سؤ ٻڪرين کي بہ پاڻ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ پيش ڪري ڇڏيو- پر چوڻ لڳو تہ اي محمد! سڄو عرب شاهد آهي تہ اڄ تائين ڪو پهلوان مون کي ناهي هارائي سگهيو پر اوهان ٽي ڀيرا مونکي جهڙي نموني ڪُشتيءَ ۾ هارايو آهي هن سان منهنجي دل مڃي وئي آهي تہ يقيناً اوهان خدا جا نبي آهيو، اهو چيائين ۽ ڪلمو پڙهي دامنِ اسلام ۾ اچي ويو- حضور صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان جي مسلمان ٿيڻ سان بيحد خوش ٿيا ۽ ان جون ٽي سؤ ٻڪريون واپس موٽائي ڏنيون- (زرقاني علي المواهب،الفصل الثاني فيما اکرمه الله ...الخ ١٠٣/٦،)

## ابوالاسود سان مقابلو

(2) اهڙي طرح اَبُوالْاَسوَد جُمَحِي به وڏو طاقتور پهلوان هو، ان جي باري ۾ اچي ٿو ته هو ايترو طاقتور هو جو هڪ چمڙي تي ويهي رهندو هو ۽ ڏهه پهلوان ان چمڙي کي ڇڪيندا هئا ته جيئن هو چمڙو ان جي هيٺان نڪري وڃي پر اهو چمڙو ڦاٽي ٽڪرا ٽڪرا ٿي وڃڻ جي باوجود ان جي هيٺان نه نڪرندو هو- هڪ ڀيري ان به بارگاهِ اقدس ۾ اچي اهو چيلنج ڪيو ته جيڪڏهن رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مون کي ڪشتيءَ ۾ ڪيرائي وڏو ته مان مسلمان ٿي ويندس- حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کان ڪُشتي وڙهڻ جي لاءِ اٿي بيٺا ۽ ان جو هٿ پڪڙيندي ئي ان کي زمين تي ڪيرائي ڇڏيو- هو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي هن طاقتِ نبوت سان حيران ٿي يڪدم مسلمان ٿي ويو- (زرقاني علي المواهب،الفالثانييما اکرمه الله ...الخ ،١٠٣/٦)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! غور ڪريو! اللّٰه پاڪ پنهنجي محبوب عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي ڪيتري جسماني طاقت عطا فرمائي هئي- ياد رکو! شهنشاهِ مدينه، قرارِ قلب و سينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪڏهن به پيٽ ڀري ڪاڌو نه ڪاڌائون ۽ نه ئي پاڻ پهلواني ڏانهن متوجهه ٿيا هئا پيو اهو به معلوم ٿيو ته ماڻهو ڪلمو پڙهي ايمان آڻن، پاڻ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ان جا وڏا حريص هئا، تڏهن ته ابوالاسود جي چيلنج تي ان سان مقابلي جي لاءِ تيار ٿي ويا ۽ جڏهن ان کي هارائي ڇڏيو ته هو اسلام قبول ڪرڻ وارو بڻجي ويو- اللّٰه پاڪ اسان کي به نيڪين جو حرص عطا فرمائي- اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿي، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفٰي جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون

سان محبت ڪئي اھو جنّت ۾ مون سان گڏ ھوندو. [1]

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!          صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اچو! شيخ طريقت،امير اھلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”101مدني گل“ مان سمھڻ جاڳڻ جون سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿيون:

## سمھڻ جاڳڻ جون سنتون ۽ آداب

◈ سمھڻ کان اڳ ۾ بستري کي چڱي طرح ڇنڊيو تہ جيئن ڪا ايذاءُ ڏيندڙ شيءِ وغيره ھجي تہ نڪري وڃي ◈ سمھڻ کان اڳ ھيءَ دعا پڙھي وٺو: اَللّٰهُمَّ بِاسْمِکَ اَمُوْتُ وَ اَحْيَا **ترجمو: اي الله!** مان تنھنجي نالي سان ئي مران ٿي ۽ جيان ٿي (يعني سمھان ٿي ۽ جاڳان ٿي) (بخاري، حديث 6325 ج 4 ص 196) ◈ **عصر کان پوءِ نہ سمھو عقل ختم ٿيڻ جو ڊپ آھي- فرمان مصطفي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: **”جيڪو شخص عصر** کان پوءِ ستو ان جو عقل ختم ٿي ويو تہ پاڻ کي ملامت ڪري-“ (مسند ابي يعليٰ ج 4 ص 278 حديث 4897) ◈ منجھند جو قيلولو (ڪجھ دير ليٽڻ) مستحب آھي- (فتاويٰ هندية،٣٧٦/٥) ◈ صدرُالشَّريعہ، بدرُالطريقہ حضرت علامہ مولانا محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ الله عَلَيه فرمائن ٿا: غالباً ھي انھن ماڻھن جي لاءِ ھوندو آھي جيڪي رات جو جاڳندا آھن، رات جو نمازون پڙھندا آھن، ذِڪر اِلٰهي ڪندا ۽ ڪتاب پڙھڻ يا مطالعو ڪرڻ ۾ مشغول رھندا آھن تہ جيئن رات جو جاڳڻ ۾ جيڪا ٿڪاوت ٿي سا قيلولي سان ختم ٿي وڃي- (بھارشريعت ج 3 ص 435)◈ ڏينھن جي ابتدائي حصي ۾ سمھڻ يا مغرب ۽ عشاء جي وچ ۾ سمھڻ مڪروھ آھي- (عالمگيري ج 5 ص 376) ◈ سمھڻ لاءِ مستحب اھو آھي تہ پاڪائي سان سمھي ۽ ◈ ڪجھ دير ساڄي پاسي ھٿ ڳل جي ھينان رکي قبلي ڏانھن منھن ڪري سمھي ۽ ان کان پوءِ کابي پاسي سمھي- (ايضا) ◈ سمھڻ وقت قبر ۾ سمھڻ کي ياد ڪري تہ اُتي اڪيلو سمھڻو پوندو عملن کان سواءِ ڪير بہ گڏ نہ ھوندو ◈ سمھڻ وقت يادِ

[1]...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،٩٧/١،حديث:١٧٥

خدا ۾ مشغول هجي، تهليل، تسبيح ۽ تحميد پڙهي- (يعني لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ، سُبْحٰنَ الله ، ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰه جو ورد ڪندو رهي) ايستائين جو سمهي پوي انسان جنهن حالت تي سمهندو آهي اُن تي ئي اٿندو آهي ۽ جنهن حالت تي مرندو آهي اُن تي ئي قيامت جي ڏينهن اٿندو- (ايضا) ◈ جاڳڻ ڪان پوءِ هي دعا پڙهو:اَلْحَمْدُ لِلّٰه الَّذِىْ اَحْيَانَا بَعْدَ مَآ اَمَا تَنَا وَاِلَيه النُّشُوْرُ- (بخاري،۴/١٩٦،حديث: ٦٣٢٥) **ترجمو:** سڀ تعريفون **الله** عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ آهن جنهن اسان کي مارڻ ڪان پوءِ زنده ڪيو ۽ انهيءَ ڏانهن موٽي وڃڻو آهي. ◈ انهي وقت پڪو ارادو ڪري ته پرهيزگاري ۽ تقويٰ اختيار ڪندو، ڪنهن کي به نه ستائيندو- (فتاويٰ هندية،۵/٣٧٦)، ◈ جڏهن ڇوڪري يا ڇوڪريءَ جي ڄمار ڏهه سال ٿئي ته انهن کي الڳ الڳ سمهارڻ گهرجي بلڪ ان ڄمار جو ڇوڪرو ايڏي وڏي (يعني پاڻ جيڏن) ڇوڪرن يا (پاڻ کان وڏن) مردن سان گڏ نه سمهي- (درمختار و رد المحتار ج 9 ص 629) ◈ ننڊ مان سجاڳ ٿي ڏندڻ ڪريو ◈ رات جو ننڊ مان سجاڳ ٿي تهجُّد ادا ڪريو ته وڏي سعادت آهي- سرڪار مدينه راحت قلب و سينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: "فرضن کان بعد افضل نماز رات جي نماز آهي-" ( مُسلِم،ص ۵٩١ حديث: ١١٦٣)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو.

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اِنْ شَآءَالله! آئنده هفتيوار اِجتماع جو موضوع هوندو: "فيضانِ رَبيعُ الْآخِر" جنهن ۾ حُضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ الله عَلَيه جي سيرت جي حوالي سانَ ڪجھ مفيد ڳالهيون بيان ٿينديون، رَبيعُ الآخِر کي ڪهڙي نموني گذارڻ گهرجي، بزرگانِ دين رَحْمَةُ الله عَلَيهم هن مهيني جي مناسبت

سان کھڙين عبادتن جو ذکر فرمايو آهي هن حوالي سان ٻڌنديوسين، آخر ۾ ماهِ رَبيعُ الآخِر ۾ حضور غوثِ پاڪ رَحۡمَۃُ اللہ عَلَیہ جي نسبت سان يارهين جي تعريف ۾ ان جون برڪتون بہ بيان ٿينديون- لهٰذا! آئنده اربع بہ اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نہ صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ **اِنفرادي ڪوشش** ڪري ٻين کي بہ گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو